سبق 11

# معدني وسيلا




## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وسيلا | ذريعا | صنعت | ڪارخانو |
| علائقو | ايراضي | موجود | دستياب |
| قِسم | نمونو | هٿرادو | مصنوعي |
| هَنڌَ | جايون | رڳو | فقط |
| ترقي | واڌارو | خوبصورت | سُونهن |
| دارومدار | انحصار | مالامال | شاهوڪار |

### سبق جو خلاصو

ڪنهن بہ ملڪ جي صنعتي ترقيءَ لاءِ معدني وسيلن جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. پاڪستان جن معدني وسيلن سان مالامال آهي، انهن ۾ لوڻ، پيٽرول، قدرتي گئس، ڪوئلو، لوهہ، جپسم، ڪروميئٽ، ٽامو، چن جو پٿر، گندرف، سنگمرمر ۽ اچي مٽي اچي وڃن ٿا.

پاڪستان ۾ لوڻ جي سڀ کان وڏي کاڻ کيوڙا ۾ آهي. سارڻ ڊنڊ مان پڻ لوڻ ملي ٿو. جپسم جهلم، ميانوالي، ڊيري غازي خان، ڪوئيٽا،

سبي ۽ ڪوهاٽ ضلعن مان ملي ٿو، جڏهن ته بهالپور، دادو، سانگهڙ ۽ ديري اسماعيل خان مان پڻ جپسم لڌو وڃي ٿو. جپسم سيمينٽ، هٽرادو ياڻ ۽ پلاسٽر آف پئرس ناهڻ ۾ ڪم اچي ٿو.

ڪوئلي جي وڏي کاڻ مڪڙوال جي علائقي ۾ آهي. سنڌ ۾ جهمپير ۽ لاکڙا وٽ ڪوئلي جون کاڻيون آهن.

ڪرومائيٽ جون دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ کاڻيون پاڪستان ۾ آهن. ڪروماميٽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي اسين متاسنا وارو ناڻو ڪمايون ٿا.

لوهه چترال ۽ نوڪنديءَ مان لڀي ٿو. ٽامو، جيڪو بجليءَ جي تارن ناهڻ جي ڪم اچي ٿو، اهو سرحد صوبي جي مختلف علائقن مان لڀي ٿو. چُن جو پٿر ڪراچي، حيدرآباد ۽ روهڙيءَ مان ملي ٿو. اهو سيمينٽ، چينيءَ جي ٿانوَن ناهڻ وغيره ۾ ڪم اچي ٿو.

سنگمرمر سرحد صوبي ۽ بلوچستان مان لڀي ٿو. هي پٿر اڏاوتي ڪمن ۾ مضبوطي ۽ خوبصورتيءَ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. گندرف مردان، جيڪب آباد ۽ بلوچستان جي ڪجهه علائقن مان حاصل ٿئي ٿو. ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ ۾ گندرف صاف ڪرڻ جا ڪارخانا آهن.

قدرتي گئس جو سڀ کان وڏو ذخيرو بلوچستان جي علائقي بگٽي ديري جي سُئي واري هنڌ آهي، ان ڪري ان گئس جو نالو سُئي گئس رکيو ويو آهي. پاڪستان ۾ اچي مٽي ۽ چينيءَ جا ذخيرا به آهن.

پاڪستان ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي پيٽرول به لڌو ويو آهي. سنڌ ۾ حيدرآباد، بدين ۽ سانگهڙ ۾ پيٽرول لڌو ويو آهي. ڊليان، ڊوڊڪ، ٽنڊو عالم، خاصخيلي، لغاري، ڏُرو چٽو مان پڻ تيل لڀي ٿو. اٽڪ، جهلم ۽ چڪوال ضلعن مان حاصل ٿيندڙ پيٽرول کي راولپنڊيءَ جي ويجهو رفائنريءَ ۾ صاف ڪيو وڃي ٿو. اهڙا به ڪارخانا ڪراچيءَ ۾ آهن. جنهن

تيزيءَ سان پيٽرول اسان وٽ ليپي رهيو آهي، ان کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته هڪ ڏينهن اسين پيٽرول ۾ پاڻيرا ٿي ويندا سين.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڪوئلي جي وڏي ۾ وڏي کاڻ ڪٿي آهي؟

ج: ڪوئلي جي وڏي ۾ وڏي کاڻ مڪڙوال علائقي ۾ آهي.

2. اسان جي ملڪ ۾ ڪهڙا ڪهڙا معدني وسيلا ملن ٿا؟

ج: اَسان جي ملڪ ۾، لوڻ، پيٽرول، قدرتي گئس، ڪوئلو، لوهه، جپسم، ڪروميئيٽ، ٽامو، چُن جو پٿر ۽ سنگ مرمر وغيره ملن ٿا.

3. سنگ مرمر ڪهڙي صوبي ۾ وڌيڪ مقدار ۾ ملي ٿو؟

ج: سنگ مرمر بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا صوبي ۾ وڌيڪ مقدار ۾ ملي ٿو.

4. سنڌ ۾ ڪوئلو ڪٿي ڪٿي لڀي ٿو؟

ج: سنڌ ۾ جهمپير، لاکڙا ۽ ٿرپارڪر ۾ ڪوئلو ملي ٿو.

**ب** هيٺ ڏنل لفظن مان صحيح لفظ چونڊي خال ڀريو.

| خيبرپختونخوا | ڪروميئيٽ | سارڻ |
|---|---|---|
| پيٽرول | ڪيميائي | |

1. سنگ مرمر ___خيبرپختونخوا___ صوبي ۽ بلوچستان ۾ لڀي ٿو.
2. گندرف ___ڪيميائي___ صنعت ۾ ڪم ايندو آهي.
3. ماهرن مطابق سمنڊ جي تري مان به ___پيٽرول___ ملي سگهي ٿو.
4. ٿر علائقي ۾ ___سارڻ___ ڍنڍ مان لوڻ حاصل ٿئي ٿو.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. ڪنهن بہ ملڪ جي ___صنعتي___ ترقيءَ لاءِ معدني وسيلن جي تمام گهڻي اهميت آهي.

(i) زرعي (ii) صنعتي✓ (iii) معاشي

2. اسان جو ملڪ ___پاڪستان___ اهڙن معدني وسيلن سان مالامال آهي.

(i) تاجڪستان (ii) افغانستان (iii) پاڪستان✓

3. ___جپسم___ جا ذخيرا بہ پاڪستان ۾ موجود آهن.

(i) جپسم✓ (ii) ياقوت (iii) هيري

4. اسان جي ___ملڪ___ ۾ ڪوئلو بہ ڪيترن ئي هنڌن تي لڌو ويو آهي.

(i) ضلعي (ii) صوبي (iii) ملڪ✓

5. ___ٿرپارڪر___ ضلعي ۾ بہ اعليٰ قسم جي ڪوئلي جا ذخيرا مليا آهن.

(i) ٿرپارڪر✓ (ii) حيدرآباد (iii) ڪراچي

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ذخيرو | ذخيرا | ڍنڍ | ڍنڍون |
| صنعت | صنعتون | ضلعو | ضلعا |
| علائقو | علائقا | پاٽيرو | پاٽيرا |

سبق 12

# شهيد الله بخش سومرو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اوج | عروج | ڄائو | پيدا ٿيو |
| ديسان ديس | هر ملڪ ۾ | سڀاءُ | اخلاق |
| ڀائيندا هئا | محبت ڪندا هئا | پسگردائي | آسپاس |
| سَتت | جلد | نالو وڃي ويو | نالو مشهور ٿيو |
| عرصو | وقت | هلچل | تحريڪ |
| تاقبل | اڻ چونديل | ڇڪتاڻ | ڪشيدگي |
| ڪالرا | بيماريءَ جو نالو | سڀاڄهي طبيعت | سادي طبيعت |
| سورهيائي | بهادري | عرصو | مدو |
| ورتاءُ | هلت | جوڳيون | لائق |

## سبق جو خلاصو

شهيد الله بخش سومرو سنڌ جو اهو سخي مرد ٿي گذريو آهي، جيڪو محتاجن، بيمارن، بيوا عورتن، شاگردن ۽ علمي ادارن جي ڪليل دل سان مدد ڪندو هو.

پاڻ اتر سنڌ جي شڪارپور شهر ۾ 1900ع ۾ ڄائو. هن سنڌي، انگريزي، فارسي ۽ عربيءَ جي شروعاتي تعليم پنهنجي شهر ۾ ئي حاصل ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجي والد صاحب سان گڏ ٺيڪيداري ۽ زمينداريءَ جو ڪم ڪرڻ لڳو. سندس سهڻي ورتاءَ

جي ڪري انگريزي انجنيئر ڪيس گهٽو پائيندا هئا.

1926ع ۾ هو ممبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ۽ 1938ع ۾ سنڌ صوبي جو وڏو وزير ٿيو، وڏو وزير ٿيڻ ڪانپوءِ هن سنڌ ۾ ڪيترائي سڌارا آندا، جن ۾ واهن جو انتظام سڌارڻ، سرڪاري خرچ گهٽائڻ، پاڻ گهٽ پگهار کڻڻ، عام ماڻهن تي ڏنڊ نه وجهڻ ۽ سنڌي استادن جي پگهار وڌائڻ کان سواءِ ٻيا ڪيترائي ڪم شامل آهن.

آزاديءَ جي هلچل دوران ”آزاد ڪانفرنس“، جيڪا دهليءَ ۾ منعقد ڪئي ويئي هئي، تنهن جي صدارت الله بخش سومري ڪئي. ان کان پوءِ پاڻ انگريزي سرڪار جي سخت رويي سبب برطانيه سرڪار کان مليل خانبهادر ۽ O.B.E جا لقب واپس ڪري ڇڏيائين. انهيءَ عمل جي ڪري کيس وزارت اعليٰ کان هٽايو ويو، پر مٿس ان ڳالهه جو ڪوبه اثر نه ٿيو. پاڻ هميشه جيان ڏکئي وقت ۾ سنڌ جي ماڻهن سان گڏ رهيو ۽ سنڌن خدمت ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيائين.

شهيد الله بخش سومرو هڪ بااصول ۽ سچاجهي طبيعت وارو شخص هو. سنڌ جي وزارت اعليٰ جي عهدي تي چار سال رهيو، پر تڏهن به پنهنجي غريب سياسي رفيقن سان برابريءَ وارو ورتاءُ رکيائين، ايتري تائين جو پاڻ ڪين هٿ ڏوئاري ماني کارائيندو هو. سندس سخاوت ۽ سورهيائي هر هنڌ مشهور آهي. هو پنهنجن مخالفن کي به پيار سان پنهنجو ڪرڻ گهرندو هو. سندس اهي ڳالهيون سياسي مخالفن کي نه وڻيون ۽ اهي وجهه وٺي سازشون سٽڻ لڳا.

14 مئي 1943ع تي سنڌ جو هي عظيم سپوت صبح جو سوير شڪارپور شهر ۾ تانگي تي سوار ٿي اچي رهيو هو ته سندن ڪن مخالفن مٿس پستول جا سڌا فائر ڪري کيس شهيد ڪري ڇڏيو. سندس شهادت تي ماڻهو اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳا. کيس آلين اکين سان پنهنجي اباڻي

قبرستان ”پنج پير“ ڳوٺ ۾ دفنايو ويو. شهيد الله بخش سومرو اڄ اسان وٽ موجود نہ آهي، پر سندس ڪيل خدمتون هميشہ ياد رهنديون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. شهيد الله بخش سومرو ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟

ج. شهيد الله بخش سومرو 1900ع ڌاري اُتر سنڌ جي مشهور شهر شڪارپور ۾ ڄائو.

2. شهيد الله بخش سومرو پنهنجا لقب ڇو واپس ڪيا؟

ج. شهيد الله بخش سومرو پنهنجا لقب ان ڪري واپس ڪيا تہ انگلستان جي وزيراعظم جي تقرير نا اُميدي پيدا ڪئي.

3. دهليءَ جي آزاد ڪانفرنس جي صدارت ڪنهن ڪئي؟

ج. دهليءَ جي آزاد ڪانفرنس جي صدارت شهيد اَلله بخش سومري ڪئي.

4. شهيد الله بخش سومرو سنڌ جو وڏو وزير ڪهڙي سال ٿيو؟

ج. شهيد اَلله بخش سومرو 1938ع ۾ سنڌ جو وڏو وزير ٿيو.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. 1938ع ۾ الله بخش سومرو سنڌ جو ___وڏو وزير___ ٿيو.
2. پاڻ محتاجن، بيمارن، يتيمن ۽ مسڪينن جي دل کولي ___مدد___ ڪندو هو.
3. شهيد الله بخش دهليءَ ۾ ٿيندڙ آزاد ڪانفرنس جي ___صدارت___ ڪئي.

4. شهيد الله بخش سومرو هڪ بااصول ۽ سباجهي طبيعت وارو انسان هو.

5. انگلستان جي وزيراعظم جي تقرير نا اميدي پيدا ڪئي آهي.

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ذرتي | ذرتيون | قبضو | قبضا |
| صوبو | صوبا | شخصيت | شخصيتون |
| پگھار | پگھارون | ڪارروائي | ڪار روائيون |

## د لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عرصو | وقت |

جملو: شهيد اَلله بخش سومرو سمورو عرصو شڪارپور ۾ رهيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ورتاءُ | سلوڪ |

جملو: شهيد اَلله بخش سومرو يتيمن ۽ بيمارن سان بہ تمام سهڻو ورتاءُ رکندو هو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لقب | اعزازي نالو |

جملو: برطانوي سرڪار جي طرفان شهيد الله بخش سومرو کي لقب مليا.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هلچل | چرپر |

جملو: آزاديءَ جي هلچل دؤران مسلمان اڳواڻن دهليءَ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس ڪوٺائي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سباجهي | مهربان |

جملو: شهيد اَلله بخش سومرو سباجهي طبيعت جو مالڪ هو.

سبق 13

# چين جي عظيم ديوار



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| لاڳاپا | تعلق | نهايت | تمام |
| قديم | اوائلي | شاندار | عالي شان |
| ثقافت | تهذيب | شمار | ڳڻپ |
| رهاڪن | رهواسين | اهڃاڻ | نشان |
| سياح | سير ڪندڙ | چيڙو | منڊ |

### سبق جو خلاصو

چين اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي. اهو هڪ نهايت قديم ملڪ آهي. چين جي مشهوريءَ جو هڪ ڪارڻ چين جي عظيم ديوار آهي، جيڪا 2400 ڪلوميٽر ڊگهي آهي. اها دنيا جي وڏي ۾ وڏي قلعي وانگر ٺهيل پٽ آهي، جيڪا دنيا جي ستن عجائبن مان هڪ آهي. اها ديوار اتر چين ۾ 2

هزار سالن کان بہ اڳ جوڙي ويئي هئي. انهيءَ ديورا ناهڻ جو خاص سبب جنگي حملن کان بچاءُ هو. اها عظيم ديوار 25 فٽ اوچي آهي. ويکري ايتري آهي، جو انهيءَ تي بہ گهوڙا هڪئي وقت آسانيءَ سان ڊوڙي سگهن ٿا. ديوار ۾ 200 ۽ 300 والن جي مفاصلي تي برج ٺهيل آهن. هن جي اوچائي 40 فٽ يا 12 ميٽر آهي. چين جي اها ديوار شن گهراڻي جي حاڪم شهہ هوانگ جي دؤر ۾ 247 قبل مسيح ۾ جُڙي راس ٿي، بعد ۾ ان ۾ اضافا ٿيندا رهيا.

چين جي انهيءَ ديوار کي ڏسڻ لاءِ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سياح ايندا آهن. انساني هٿن جي انهيءَ عظيم شاهڪار کي زلزلن ۽ ٻوڏن جي ڪري نقصان بہ پهتو هو، پر چين سرڪار ان جي مرمت ڪرائي آهي. چين سرڪار انجنيئرنگ جي انهيءَ عظيم ڪارنامي کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪيترائي اُپاءَ ورتا آهن.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. چين جي عظيم ديوار جوڙڻ جو بنيادي سبب ڇا هو؟

ج: چين جي عظيم ديوار جوڙڻ جو بنيادي سبب جنگي حملن کان بچاءُ هو.

2. چين جي عظيم ديوار جي ڊيگهہ ڪيتري آهي؟

چين جي عظيم ديوار جي ڊيگهہ 1500 ميل يا 2400 ڪلوميٽر آهي.

3. اها ديوار ڪيترا فوٽ اوچي آهي؟

اِها ديوار 25 فوٽ اوچي آهي.

4. ان مشهور سياح جو نالو ٻڌايو، جيڪو هيءَ عظيم ديوار ڏسي چڪو آهي؟

مشهور سياح مارڪو پولو بہ چين جي اِها عظيم ديوار ڏسي چڪو آهي.

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| شاهڪار | انوکو ڪم |
| جملو | چين جي عظيم ديوار هڪ شاهڪار آهي. |
| سياح | سير ڪندڙ |
| جملو | مشهور سياح مارڪو پولو ۾ چين جي عظيم ديوار ڏسي چڪو هو. |
| دفاع | بچاءُ |
| جملو | جنگي حملن کان دفاع ڪرڻ لاءِ چين جي عظيم ديوار جوڙي وئي. |
| ڪارڻ | سبب |
| جملو | چين جي عظيم ديوار جوڙڻ جو ڪارڻ جنگي حملن کان بچاءُ هو. |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| نقصان | فائدو | خوشي | ڏک، غم |
| جنگ | اَمن | جديد | قديم |
| ختم | شروع | مشهور | گمنام |

# پُتلين جو تماشو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُندر | خوبصورت | هوريان | آهستي |
| سيائي | سڀ ئي | تلي ٿي | گهمي ٿي |
| پلارو | سنئو | پوڙهو | ضعيف |
| سياڻي | عقلمند | سلوڪ | رويو |
| ويس | وڳو، لباس | نظارو | ڏيک |

## بيتن جي سمجهاڻي

ڏسو ڏسو پُتلين جو تماشو،
سُندر سُندر پيارو پيارو،
وڻندڙ آهي خوب نظارو،
سُندر سُندر پيارو پيارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اچو ۽ پتلين جو تماشو ڏسو، ڪيڏو نه پيارو تماشو ۽ وڻندڙ منظر آهي.

هوريان هوريان ڪيئن گهمن ٿا،
پاڻ ۾ ڪيئن ته ڳالهائن ٿا،
هو ته انهن جو وڏو لڳي ٿو،
ڪاڪو پوڙهو پٽڪي وارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره ”نديم تصور“ چوي ٿو ته سيئي پتليون

ڪيئن آهستي آهستي گهمن ٿيون، ۽ پاڻ ۾ ملي ڪري ڄڻ آهستي ڳالهائن ٿيون ۽ جيڪو پوڙهو ماڻهو پٽڪي وارو آهي، اهو شايد انهن پتلين جو وڏو آهي.

سنهڙي پتلي سونهن سيائي،
ڪيڏي رکي ٿي پنهنجي صفائي،
ٽِم، ٽِم، ٽِم، ٽِم هوءَ ٽِلي ٿي،
ڄڻ ڪو لڳي پئي مور پيارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره "نديم تصور" چوي ٿو تہ هوءَ جيڪا هڪ سنهڙي پُتلي آهي، اها ڪيڏي سهڻي ۽ صفائيءَ واري آهي. اها ائين پئي ٽِم ٽِم ڪري گهمي ڄڻ ڪو مور هجي.

هوءَ تہ پُتلي ڄڻ آ راڻي،
ڪيڏي پياري ڪيڏي سياڻي.
ڪندي آ خدمت وڏڙن جي،
سلوڪ هن جو آهي پلارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره "نديم تصور" چوي ٿو تہ هوءَ جيڪا پُتلي آهي، اها سيني جي ڄڻ راڻي آهي، سيني کي ان سان پيار آهي، ڇوتہ اها سيني جي خدمت ڪري ٿي، ان جو سيني سان سٺو ورتاءُ آهي.

نظر اچن ٿا گهوٽ ۽ ڪنوار،
شاديءَ لئہ جي آهن تيار،
ويس تصور ڪيا اٿن جي،
اڇو گهوٽ ۽ ڪنوار ڳاڙهو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعره "نديم تصور" چوي ٿو تہ هو ڏسو! انهن پتلين ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار بہ نظر اچن ٿا، جيڪي شاديءَ لاءِ بلڪل تيار آهن. گهوٽ کي اڇو وڳو ۽ ڪنوار کي ڳاڙهو وڳو پهريل آهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هيءُ نظم ڇاجي باري ۾ لکيل آهي؟

هيءُ نظم پُتلين جي تماشي جي باري ۾ لکيل آهي.

2. راڻيءَ جو سيني سان ڪهڙو سلوڪ آهي؟

راڻيءَ جو سيني سان ڀَلو سلوڪ آهي.

3. سنهڙي پتلي ڪنهن وانگر ڀيئي لڳي؟

سنهڙي پتلي مور وانگر پئي لڳي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ڏسو، ڏسو ___پُتلين___ جو تماشو
2. سنهڙي پُتلي سونهن ___سيائي___
3. ڪاڪو پوڙهو ___پٽڪي___ وارو
4. ڪندي آ خدمت ___وڏڙن___ جي

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ ٻڌايو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سُندر | سهڻو | وانگر | جيان |
| ٿِلي | گهمي | نظارو | ڏيک |
| سلوڪ | ورتاءُ | پوڙهو | ڪُراڙو |

# افرادي قوت



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| فرد | ماڻهو | افراد | فرد جو جمع |
| قوت | طاقت | روزمره | روزاني |
| ناڻو | پيسو | مکيہ | اهم |
| ضروري | لازمي | منصوبہ بندي | رٿابندي |
| سِکيا | تربيت | ڌيان | غور |
| پيداوار | اپت | مضبوط | طاقتور |

### سبق جو خلاصو

”افراد“ لفظ ”فرد“ جو جمع آهي. ”فرد“ جي معنيٰ آهي هڪ ماڻهو ۽ ”افراد“ جي معنيٰ آهي گهڻا ماڻهو ۽ انهن جي گڏيل محنت سان ملڪ جي سموري پيداوار ٿئي ٿي. افرادي قوت جيتري منظم ۽ تربيت ورتل هوندي، اوتري قدر ملڪ جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو ۽ ماڻهو خوشحال

ٿيندو. ملڪ جي خوشحاليءَ جو دارومدار روزمره جي ڪم ايندڙ شين تي آهي، جيڪي ملڪ اندر ٺهڻ ڪپن. ٻيو ته انهن جي پيداوار ايتري ته گهٽي هجي، جو پنهنجي ضرورت ڪان وڌيڪ شيون ٻاهرين ملڪ ڏانهن موڪلي، متاسنا وارو ناڻو ڪمائي سگهجي. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.

1- ته ملڪ جي سرحدن اندر رهندڙ ماڻهن جو تعداد ڪيترو آهي؟ انهن ۾ ساليانې واڌ ۽ ڪمي ڪيتري ٿئي ٿي؟ انهيءَ سلسلي ۾ آدمشماريءَ مان مليل انگ اکر ڄمڻ ۽ موت جو رڪارڊ پڻ گهربل معلومات مهيا ڪري سگهن ٿا.

2- ته ملڪ ۾ روزگار جا وسيلاڪهڙا آهن؟ هرهڪ ڌنڌي ۾ رُڌل ماڻهن جو تعداد گهڻو آهي؟ اهي ڪهڙيون صنعتون آهن، جن جي ڪاريگرن جي ملڪ ۾ اڃان تائين ڪوٽ آهي؟

3- ته گهربل شين جي ملڪي پيداوار ڪيتري قدر ضرورت پوري ڪري ٿي. جيڪڏهن اها گهٽ آهي ته ان جي وڌائڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺجن. ان جو مقدار ڪيترو هئڻ گهرجي، جيئن پيداوار بچت جي صورت وٺي سگهي.

4- ته هرهڪ ماڻهوءَ ڪي روزگار مهيا ڪرڻ لاءَ نَون وسيلن ڳولي ڪيڻ جي ضرورت آهي. ان سان گڏ نين صنعتن لاءِ هنرمند ڪاريگرن جي کيپ تيار ڪرڻ به وقت جي اهم ضرورت آهي.

اسان جي ملڪ ۾ افرادي قوت جو وڏو حصو زراعت، ملازمت ۽ مزدوريءَ سان لاڳاپيل آهي. هن وقت زراعت ۽ پورهيت طبقي لاءِ سکيا جا مرڪز کولڻ جي ضرورت آهي، جن ۾ جديد اوزارن ۽ نون طريقن جي ڄاڻ ڏني وڃي.

اسان جي ملڪ ۾ هاڻي تيل ۽ گئس جا ذخيرا لڌا ويا آهن، تڏهن به ڪيترائي ڪارآمد ڌاتو زمين ۾ دٻيل آهن، جن جي نڪرڻ سان اسان جو

ملڪ صنعتي انقلاب جي دؤر ۾ داخل ٿي ويندو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. افراد ۽ افرادي قوت مان ڇا مراد آهي؟

ج: اَفراد جي معنيٰ آهي گهڻا ماڻهو ۽ افرادي قوت مان مراد آهي ملڪ ۾ رهندڙ سيني ماڻهن جي گڏيل طاقت يا محنت.

2. اسان کي زراعت جي ترقيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج: اَسان کي زراعت جي ترقيءَ لاءِ اهڙا مرڪز هئڻ گهرجن جتي زراعت توڙي ٻئي عام پورهئي لاءِ سکيا ڏني وڃي.

3. اسان جي ملڪ ۾ ڪهڙا معدني ذخيرا لڌا ويا آهن؟

ج: اَسان جي ملڪ ۾ تيل ۽ گئس جا ذخيرا ڳولي لڌا ويا آهن.

4. ملڪ جي ترقي ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟

ج: ڪنهن بہ ملڪ جي اَفرادي قوت جيتري قدر مضبوط ۽ تربيت يافتہ هوندي اوترو پنهنجي ملڪ جي ترقي ٿي سگهي ٿي.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. اسان جو ملڪ ____معدني____ دولت سان مالامال آهي.
2. اسان کي زرعي ____پيداوار____ وڌائڻ لاءِ جديد طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن.
3. ملڪ جي ترقيءَ جو دارومدار ____افرادي____ قوت تي آهي.
4. ماهرن جي مدد سان ____تيل____ ۽ ____گئس____ جا ذخيرا ڳولي لڌا ويا آهن.

### ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. افراد لفظ فرد جو جمع آهي. **ص**
2. ملڪ جي خوشحاليءَ جو دارومدار روزمره جي ڪم ايندڙ شين تي

نہ آهي. غ

3. اسان جي ملڪ جا هاري زراعت ۾ جديد طريقن سان پوک ڪندڙ آهن. غ

4. اسان جي ملڪ ۾ اهڙا مرڪز هئڻ گهرجن جتي زراعت توڙي ٻئي عام پورهئي لاءِ سکيا ڏني وڃي. ص

5. پاڪستان معدني دولت سان مالامال آهي. ص

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لاڀ | فائدو |
| جملو | اَفرادي قوت مان لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي. |
| اُسرندڙ | ترقي يا فتہ |
| جملو | پاڪستان بہ هاڻي اُسرندڙ ملڪ ٻڻجي رهيو آهي. |
| افراد | ماڻهو |
| جملو | ملڪ جي افراد جي قوت مضبوط هئڻ گهرجي. |
| ڄاڻ | معلومات |
| جملو | شاگردن کي گهرجي تہ وڏن کان وڌ ڄاڻ حاصل ڪن. |
| جديد | نئون، نئين |
| جملو | زندگيءَ جي هر شعبي ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ کان ڪم ورتو وڃي. |

# هُنرمندي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هُنرمندي | ڪاريگري | رڳو | فقط |
| تهذيب | ثقافت | قديم | پراڻو |
| نمونا | قِسم | نقاشي | چٽسالي |
| نفيس | نازڪ | شالون | چادرون |
| مرتباڻ | ٿانءُ جو قسم | حڪومت | سرڪار |
| گُلدان | گلن جو ٿانءُ | ماضي | گذريل وقت |

### سبق جو خلاصو

قدرت پاڪستان کي نہ رڳو قدرتي وسيلن سان مالامال ڪيو آهي، پر معدني پيداوار سان بہ نوازيو آهي. هتي جا ماڻهو هٿ جي هنر ۾ ملڪان ملڪ مشهور آهن. اهي مٽيءَ، ڪاٺ ۽ ڪچي مال مان پنهنجن هٿن سان سهڻيون ۽ سنيون شيون تيار ڪري ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ اضافو ڪندا رهن ٿا. اسين هٿ هلائي ڪا شيءِ ناهيون تہ ان کي هٿ جو

هنر چيو ويندو آهي.

ماضيءَ جي تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ هن ملڪ جي هر صوبي ۾ ڪي نہ ڪي پراڻي تهذيب جا آثار آهن. انهن آثارن مان جيڪي شيون حاصل ٿيون آهن، تن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن ملڪ جا ماڻهو قديم زماني کان هٿ جي هنر ۾ ماهر هئا. جڏهن انگريز هن ملڪ تي قابض ٿيا، تڏهن هنن هتي هنر جي سرپرستي بنهہ ڪانہ ڪئي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ حڪومت هٿ جي هنر کي نئين سر ترقي وٺائي. گهر جي هنر جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هڪ سرڪاري ادارو ”سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن“ نالي قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ملڪ جي هن هنر کي وڏي هٿي ملي آهي، ڪيترائي هٿ جا هنر جيڪي ماڻهو وساري وينا هئا، تن کي وري همٿايو ويو آهي. ان کان سواءِ نوان هنر پڻ متعارف ڪرايا ويا آهن، جن ۾ اڪروٽ ۽ شيشم جي ڪاٺ تي اُڪر جو ڪم، ٻهڻ جي ڪاٺ تي جنڊيءَ جو ڪم، مٽيءَ ۽ چينيءَ جا ٿانوَ، ڪاشيءَ جا ٿانوَ، ڀرت جا نمونا، چُر جو ڪم، سوسيون، لونگيون، ڪيسَ، ڪتا ۽ شالون، رليون، ڀرت ڀريل ٽوپيون، جتيون ۽ ٻيو اهڙو نفيس ۽ سهڻو سامان اچي وجي ٿو.

حيدرآباد شهر ۾ ريشمي ڪپڙي تي ڀرت جو ڪم، شيشي جو سامان، چوڙيون، چمڙي تي زريءَ جو ڪم عام جام ٿيندو آهي. هالا شهر ۾ تيار ٿيل شين مان مختلف نمونن جون ڪاشيءَ جون سرون، چانهہ جا سيٽ،ڪونڊيون،مرتبان،گلدان ۽ صراحيون گهڻو مشهور آهن.

سنڌ جو ٻيو بهترين هنر جَنڊيءَ جو ڪم آهي. جنڊيءَ جي ڪم ۾ ڪٽون، پلنگ، منجيون، پينگها، سينگاردانيون، ڪرسيون، ٽپايون، دٻلا، اگٺ وجهڻيون، رانديڪا وغيره آهن. اهي هنر ڪاڻوٽ، لقمان ۽ ڪشمور ۾ پڻ آهن.

هٿ جي آڏاڻن تي بہ اسان وٽ گهڻو ڪم ٿئي ٿو. نٽي جون

لونگيون قديم زماني کان مشهور آهن. ان کان سواءِ ريشمي سوسيون، کيس، کتا ۽ اُٽاوت جو ٻيو ڪم ٻه سنڌ ۾ تمام سنو ٿئي ٿو. ٿر ۾ نهيل هنا، پاکڙا، خرزينون، مصلا، ٿيلهيون ۽ جُتيون ٻه مشهور آهن. اتي فراسيون، خرزينون، تل ۽ ٿڙا پڻ نهن ٿا. اهي سڀ شيون سستيون ۽ سولائيءَ سان ملي سگهن ٿيون. ملتان، گجرات ۽ جوهي شهرن جا نڪر جا ٿانوَ کيسَ ۽ اُٺ جي چمڙي جا لئمپ شيڊ مشهور آهن. چنيوٽ ۽ ديرو غازي خان وري ڪاٺ تي نقاشيءَ ۽ لاهور، گجرانوالا ۽ وزيرآباد پتل ۽ ٽامي جي ٿانون، فانوسن ۽ گهگهين لاءِ مشهور آهن. ڪشمير ۽ سوات جون شالون ۽ پشاور جا زريءَ سان ٻريل سئنڊل، ڪوٽ ۽ پوستينيون، اهي سڀ هٿ جي هنر جا لاجواب نمونا آهن. حڪومت پاران پڻ نصاب ۾ خاص تبديلي آندي وئي آهي، جنهن موجب ٻارن کي هاڻي ابتدائي تعليم کان وٺي هٿ جو هنر سيکاريو ويندو آهي.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1 هٿ جو هنر ڇاکي چئبو آهي؟

ج هٿ هلائي ڪا شيءِ ناهجي ته ان کي ”هٿ جو هنر“ چئبو آهي.

2 پاڪستان ۾ ڪهڙا هٿ جا هنر مشهور آهن؟

ج پاڪستان ۾ مٽيءَ ۽ چينيءَ جا ٿانو، ڪاشيءَ جا ٿانو، پرت جا نمونا، چر جو ڪم، کيس، کتا ، شالون، پرت ٻريل ٽوپيون وغيره مشهور آهن.

3 حڪومت هٿ جي هنر کي هٿي وٺائڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟

ج حڪومت هٿ جي هُنر کي هٿي وٺائڻ لاءِ هڪ سرڪاري اِدارو ”سمال انڊسٽريز ڪار پوريشن“ نالي قائم ڪيو آهي.

4 سنڌ جا مشهور هٿ جا هنر لکو.

ج ريشمي ڪپڙي تي پرت جو ڪم، چمڙيءَ تي زريءَ جو ڪم، ڪونديون، جنڊيءَ جو ڪم، ڪتون، پلنگ، اگٺ وجھٽيون ۽ رانديڪا وغيره مشهور آهن.

## ب هيٺيان خال پريو:

1 اسان جي ملڪ جا ماڻهو هٿ جي __هنر__ ۾ پڻ تمام پري پري تائين مشهور آهن.

2 هٿ هلائي ڪا __شيءِ__ ناهجي ته ان کي ”هٿ جو هنر“ چيو وڃي ٿو.

3 انگريزن جي قابض ٿيڻ کان پوءِ هتي هنر جي __سرپرستي__ نه ڪئي وئي.

4 چنيوٽ ۽ ديرا غازي خان وري __ڪاٺ__ تي نقاشيءَ ۾ مشهور آهن.

5 __ڪشمير__ ۽ سوات جون شالون ۽ پشاور جا زريءَ سان پريل سئندل ۽ ڪوٽ مشهور آهن.

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عار | شرم، حياءُ |
| جملو | پورهئي کان ڪڏهن به عار نه ڪرڻ گھرجي. |
| شاهوڪار | اَمير |
| جملو | اَسان جو ملڪ معدني وسيلن سان شاهوڪار آهي. |
| ترقي | واڌارو |
| جملو | اَسان جي حڪومت کي گھرجي ته ملڪ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ تيندڙ هٿ جي هنر کي ترقي وٺرائي. |

| افراد | ماڻهو |
| --- | --- |

جملو: پاڪستان ۾ ڪيترائي اَفراد هنرمند آهن.

| اهم | ضروري |
| --- | --- |

جملو: اسان جو ملڪ جي ماڻهن جو اهم ڪم زراعت آهي.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| ماڻهو | جانور | سُکي | ڏُکي |
| مشهور | گُمنام | ڪاٺ | لوهه |
| سرڪاري | خانگي | ترقي | تنزلي |

## ر صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. اسان جي ملڪ جا ماڻهو هٿ جي هنر ۾ پڻ تمام پري پري تائين مشهور آهن. ص
2. هٿ هلائي ڪا شيءِ ناهجي تہ ان کي هٿ جو هنر چيو وڃي ٿو. ص
3. اسان کي هر صوبي ۾ پراڻي تهذيب جا آثار نہ ملندا. غ
4. انگريزن جي قابض ٿيڻ ڪانپوءِ هتي هنر جي سرپرستي ڪئي وئي. غ
5. چنيوٽ ۽ ديرا غازي خان وري ڪاٺ تي نقاشيءَ ۾ مشهور آهن. ص

# وڌندڙ آبادي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| اٽڪل | تقريباً | آدمشماري | آبادي |
| ڪاٽو | منفي | هاڃيڪار | نقصانڪار |
| ذريعا | وسيلا | هٿ جو هنر | دستڪاري |
| واپار | تجارت | طريقا | اپاءُ |
| موجب | مطابق | شاخ | شعبو |
| اجايو | بيڪار | تلاش | ڳولا |
| غيرآباد | بنجر | سچائي | خلوص |
| لبريز، پريل | سرشار | قرباني | ايثار |

## سبق جو خلاصو

اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ گذريل پنجاهه سالن ۾ آبادي تمام گھڻي وڌي، اٽڪل ارڙهن ڪروڙ تي وئي آهي. پاڪستان گھڻ آباديءَ وارن ملڪن ۾ ستون نمبر ليکيو وڃي ٿو. هتي جي وڌندڙ آباديءَ جي شرح آفريڪا جي ملڪن کي ڇڏي، باقي دنيا جي سڀني اُسرندڙ ملڪن کان گھٽي آهي. سڄي دنيا جي آباديءَ کي وڌي ٻيڻي ٿيڻ ۾ 46 سال لڳي سگھن ٿا، جڏهن ته پاڪستان جي آباديءَ کي ٻيڻي ٿيڻ ۾ رڳو 25 سال لڳندا.

آباديءَ ۾ تڪڙي واڌ ملڪ ۽ قوم لاءِ هاڃيڪار آهي. ان جو منفي اثر معيار زندگي ۽ قومي معاشي حالتن تي پوي ٿو. ان ڪان سواءِ تعليم، خوراڪ، رهائش، روزگار ۽ ٻين سهولتون پڻ متاثر ٿين ٿيون. اهڙيءَ طرح بيمارين جي واڌ جو نتيجو آهي. ان ڪري ان مسئلي جو حل اهو آهي ته آباديءَ جي واڌ جي رفتار کي گھٽ ڪرڻ ۽ ملڪي وسيلن ۾ واڌاري لاءِ ضروري اُپاءَ ورتا وڃن.

* **اوهين پنهنجي خيال مطابق وڌندڙ آباديءَ تي مختصر نوٽ لکو:**

جواب: ڪنهن به ملڪ جي تڪڙي آبادي وڌڻ سان اتان جي سرڪار توڙي عوام جي لاءِ ڪافي مسئلا پيدا ٿيندا آهن، مثال: اتان جي عوام لاءِ روزگار جو مسئلو، انهن جي رهائش جو مسئلو، ڪاڌ خوراڪ جو مسئلو ۽ صحت جو مسئلو وغيره. اهي سڀئي بنيادي گھرجون حڪومت جون ذميواريون آهن، جن کي اها پنهنجي مناسب حڪمت عمليءَ سان پورو ڪري ٿي. وڌندڙ آباديءَ جي سبب حڪومت کي تمام پريشانيءَ جو مُنهن ڏسڻو پوي ٿو. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي ملڪ جي وڌندڙ آباديءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ گھرجي.

# مشق

## (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

(1) پاڪستان جي آبادي ڪيتري عرصي ۾ ٻيڻي ٿي سگهي ٿي؟

(ج) پاڪستان جي آبادي رڳو 25 سالن ۾ ٻيڻي ٿي سگهي ٿي.

(2) پاڪستان جي هن وقت ڪل ڪيتري آبادي آهي؟

(ج) پاڪستان جي هن وقت ڪل ويهه ڪروڙ آبادي آهي.

(3) ملڪ جي آبادي وڌڻ سان ڪهڙا مسئلا درپيش اچي سگهن ٿا؟

(ج) ملڪ جي آبادي وڌڻ جو منفي اَثر معياري زندگي ۽ قومي معاشي حالتن تي پوي ٿو.

(4) ملڪ جي آبادي وڌڻ واري مسئلي جو حل ڇا آهي؟

(ج) ملڪ جي آبادي وڌڻ واري مسئلي جو حل اهو آهي ته آباديءَ جي واڌ جي رفتار کي گهٽائي ۽ ملڪي وسيلن ۾ اضافي لاءِ اُپاءَ ڪرڻ گهرجن.

## (ب) هيٺيان خال ڀريو

(1) پاڪستان جي آبادي هينئر ___ويهه___ ڪروڙ آهي.

(2) نون وسيلن جي ڳولا ___جاري___ رکڻ گهرجي.

(3) پاڪستان جي آبادي رڳو ___25___ سالن ۾ ٻيڻي ٿي سگهي ٿي.

(4) زندگيءَ جي هر شعبي ۾ جديد ___ٽيڪنالاجيءَ___ کان ڪم ورتو وڃي.

(5) ___پيداواري___ وسيلن کي تيزيءَ سان وڌايو وڃي.

## (ج) صحيح جملي جي سامهون "ص" ۽ غلط جملي جي سامهون "غ" لکو.

(1) 14 آگسٽ 1947ع تي اسانجو پيارو ملڪ پاڪستان آزاد ٿيو. — ص

(2) سڄي دنيا جي آباديءَ کي ٽيڻي ٿيڻ ۾ 46 سال لڳي سگهن ٿا. — غ

3. انهيءَ جو منفي اثر معياري زندگيءَ ۽ قومي معاشي حالتن تي پوي ٿو. ص

4. اسان جي ملڪ ۾ ٿوري تعداد ۾ بيڪار ۽ بنجر زمين پيل آهي. غ

5. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پراڻي ٽيڪنالاجيءَ کان ڪم ورتو وڃي. غ

## د لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏوڪڙ | پئسا |
| جملو | پورهيت سڄو ڏينهن پورهيو ڪري ڪجهه ڏوڪڙ ڪمائي ٿو. |
| اُجورو | معاوضو |
| جملو | مزدور ڪي اُن جي پگهر سُڪڻ کان اڳ ڪيس اُجورو ڏيڻ کپي. |
| عارُ | شرم |
| جملو | پورهئي کان ڪڏهن به عار نہ ڪرڻ گهرجي. |
| آسائش | سهولت |
| جملو | اڄوڪي دؤر ۾ پورهيت کي هر آسائش ڏني وئي آهي. |
| پورهيو | مزدوري |
| جملو | ڪنهن به پورهئي کي عيبُ نہ سمجهڻ گهرجي. |

## ر توهان پنهنجي خيال مطابق وڌندڙ آباديءَ تي مختصر نوٽ لکو.

جواب: ڪنهن به ملڪ جي تڪڙي آبادي وڌڻ سان اتان جي سرڪار توڙي عوام جي لاءِ ڪافي مسئلا پيدا ٿيندا آهن. مثال: اتان جي عوام لاءِ روزگار جو مسئلو، انهن جي رهائش جو مسئلو، کاڌ خوراڪ جو مسئلو ۽ صحت جو مسئلو وغيره. اهي سيئي بنيادي گهرجون حڪومت جون ذميواريون آهن، جن کي اها پنهنجي مناسب حڪمت عمليءَ سان پورو ڪري ٿي. وڌندڙ آباديءَ جي سبب حڪومت کي تمام پريشانيءَ جو مُنهن ڏسڻو پوي ٿو. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي ملڪ جي وڌندڙ آباديءَ تي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي.

# پورهيت جي عزت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سادو | رواجي | اجرو | صاف |
| پورهئي | محنت | پتلو | بت، بوتو |
| پورهيت | مزدور | تن | بدن، جسم |
| خوشحالن | سکين | پَٽُ | ريشم |
| پهرئين | پارائين | اڌورو | اڻ پورو |
| ڊائين | پرين، ڊؤ ڪرائين | همت | جرئت |
| ذرت | ڏکار | ڏکر | ڏکار |
| سينو ساهين | مقابلو ڪرين | ڪاهين | هر ڪاهڻ |

## بيتن جي سمجهاڻي

بُڌايان اوهان کي چا پورهيت جي عزت،
خدا پاڻ واضح ڪئي هن جي عظمت.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته مان پورهيت جي کهڙي عزت يا عظمت بيان ڪري ٿو سگهان، جڏهن ته الله تعاليٰ پاڻ هن جي عظمت ٻڌائي ٿو.

آهي پورهيت دوست الله جو پارو،
۽ محتاج ان جو زمانو آ سارو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته پورهيت لاءِ اها ڳالهه ئي ڪافي آهي ته اهو الله جو دوست آهي، الله سائينءَ سڄي زماني کي ان جو محتاج ڀڻايو آهي.

لُڇي ٿو زمينن ۾ ڏينهن رات ڏاڍو،
ڪري ٿو بندوبست سڀ جي جيئڻ جو.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اهو پورهيت ئي آهي جيڪو ڏينهن رات زمينن ۾ پاڻ پتوڙي اسان لاءِ فصل ٿو اپائي.

ڪائون ٿا اسان فصل هر مند وارا،
ڪَرن تيار ٿا جن کي پورهيت سگهارا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اسين جيڪي هر مند جا ميوا يا اناج ڪائون ٿا، اهي اسان جا سگهارا پورهيت پوکين ٿا.

رهون جهوپڙين ۾ يا محلات ۾ ٿا،
اهي پورهيت پنهنجي محنت سان جوڙيا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته اسين سڀ غريب توڙي امير جن گهرن ۾ رهون ٿا، اهي به پورهيت ئي ٺاهيا آهن.

زماني جو چرخو چلائي ٿو پورهيت،
بنجر ٻنيءَ ۾ هر هلائي ٿو پورهيت.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته هن زماني جي رونق پورهيت جي پورهئي سان ئي قائم آهي. اهو ئي زماني کي هلائي ٿو ۽ غيرآباد ٻنيءَ کي آباد ڪري ٿو.

”تصور“ خدا جي ڪرم سان ڪمائي،
رهي خوش ٿو هردم خدا کي ٻاڏائي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”نديم تصور“ چوي ٿو ته جيترو الله سائينءَ نصيب ۾ لکيو آهي، اوترو ڪمائي، پورهيت الله کي ياد ڪري سڪون واري زندگي گذاري رهيو آهي.

# مشق

## (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. پورهيت الله جو ڇا آهي؟
پورهيت اَلله جو دوست آهي.

2. اسين جيڪي فصل کائون ٿا اهي ڪير ٿو تيار ڪري؟
اَسين جيڪي فصل کائون ٿا اهي پورهيت ٿو تيار ڪري.

3. اسان جا گهر ڪير ٺاهي ٿو؟
اَسان جا گهر بہ پورهيت ٺاهي ٿو.

## (ب) هيٺيان خال ڀريو:

1. ٻڌايان اوهان کي ڇا ___پورهيت___ جي عزت
2. خدا پاڻ واضح ڪئي هن جي ___عظمت___
3. رهون جهوپڙين ۾ يا ___محلات___ ۾ ٿا
4. اهي پورهيت پنهنجي محنت سان ___جوڙيا___

## (ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| زمين | آسمان | ٻنجر | آباد |
| سگهارا | ڪمزور | دوست | دشمن |
| جوڙيا | ڊاهيا | جيئڻ | مرڻ |

## ٥ لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| فصل | پوک |
| جملو | جيڪي فصل اَسان ڪائون تا اهي پورهيت تيار ڪيا آهن. |
| مند | موسم |
| جملو | بهار جي مُند وڻندڙ هوندي آهي. |
| سگهارا | طاقت وارا |
| جملو | اسان جي ملڪ جا مزدور سگهارا آهن. |
| محتاج | ضرورتمند |
| جملو | هي سارو زمانو پورهيت جو محتاج آهي. |
| پورهيت | مزدور |
| جملو | پورهيت اَللهُ جو دوست آهي. |

# حق جي ڳولا



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪَني | ٽڪرو، ڪنڊ | ڪرڻا | شعاعون |
| ڊوڙندا | ڀڄندا | پيشاني | نِرڙ |
| همت | طاقت | صبر | خاموشي |
| اُوچو | مٿانهون | جيتوڻيڪ | جيڪر |
| ڏکيو | مشڪل | نهاريندو | ڏسندو |
| ڪوڙ | تمام | عجيب | نيارو / مختلف |
| نظارا | منظر | لات | ٻولي |
| ڪيئي | ڪيترائي | ڍِڳ | ڍير |
| لاغرضي | بي غرض | ڪشادو | ويڪرو |
| جوکم | مشڪل | پروڙ | پرک |
| خانقاهه | رهڻ جي جاءِ | مخلوق | خلقت |
| حال | خبر | مشڪڻ | مسڪرائڻ |
| نصيحت | هدايت | نفاق | عداوت |
| | واهر | پرگهور | |

## سبق جو خلاصو

سچ ڪَني ڪِدي آهي ۽ ان جا ڪرتا زمين ڏانهن ڊوڙندا پيا اچن. ان وقت هڪڙو نوجوان، جنهن جي پيشانيءَ ۾ همت ۽ صبر جا نشان آهن، سو سفر تي روانو ٿئي ٿو. سندس اڳيان اوچو جبل آهي. اتي هرڪا شيءِ پئي چمڪي، پانيائين ته اها هڪ پاڪ جاءِ آهي، جتي زندگيءَ جي معنيٰ معلوم ٿئي تي ۽ حقيقي علم حاصل ٿئي ٿو. هو اڳتي روانو ٿيو. واٽ تي ڪيترائي عجيب ۽ دلفريب نظارا ڏٺائين. بي پرواهيءَ سان انهن نظارن کان لنوائي اڳتي وڌندو ويو.

”اڳتي وڌ، اڳتي وڌ“ جا لفظ سندس دل مان اڌمو ڏيئي پئي نڪتا، اتي ڏٺائين ته هڪ ضعيف پوڙهي ڪاٺين جي پري ڀڏي رکي آهي، پر هيٺائيءَ جي ڪري ٿڪجي پيو آهي. ان چيس ته ”ابا، مهرباني ڪري هيءَ پري منهنجي ڪلهي تي رکو“، پر نوجوان لاغرضي ڏيکاري جبل تي چڙهڻ لڳو. پنڌ ڏکيو هو، پر هو همت ڪري چڙهي ويو. ڇا ڏسي ته هڪ ڪشادو ميدان آهي، جنهن ۾ نه ڪا پاڪ جاءِ آهي نه ڪنهن درويش جو مڪان آهي. هڪ ڦتل اوتارو آهي، جتي اوندهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو. ويچارو نااميد ٿي چوڌاري نهارڻ لڳو. ٿوري دير کان پوءِ هڪ نوراني شخص اوتاري مان نڪري چيس ته ”اي نادان! تون ان خيال سان آيو آهين ته هتي ڪا پاڪ جاءِ يا خانقاهه آهي، جتي زندگيءَ جي پروڙ پئي ٿي ۽ حقيقت جو حال معلوم ٿئي ٿو! اهڙيون پاڪ جايون جبل هيٺ ڇڏي آيو آهين“.

پر نوجوان کي سندس ڳالهه تي ويساهه ڪونه آيو، سو پڇيائينس ته ”زندگيءَ جي معنيٰ ڇا آهي؟“

بزرگ فرمايس ته زندگيءَ جي معنيٰ زندگيءَ ۾ آهي. خدا جي خلق جي خدمت ۽ ڀلائي ڪر ۽ انهيءَ وچ ۾ جي ڏاکڙا ۽ ڪشالا اچن، تن تي

صبر ڪر ته توکي زندگيءَ جو مطلب حاصل ٿئي. خلق جي خدمت تي رب به راضي ٿئي ٿو. خودمطلبيءَ کي تياڳ ڏيئي، سچائي ۽ قرباني اختيار ڪر. تون اڃان جوان آهين. وڃ، وڃي ڪا خلق جي ڀلائي ڪر.

بزرگ جا لفظ ٻڌندي ئي جوان هڪدم شوڪارو ڀريو ۽ پويان پير ڪيائين. جڏهن جبل تان لٿو، تڏهن ڏٺائين ته ساڳيو ٻڍو ڪانئن جي ڀري مٿي تي کنيو پير پير ۾ ڪيون پيو وڃي. ٻڍي کيس سلام ڪيو، ۽ نوجوان مشڪي سلام جو جواب ڏنس ۽ چيائينس ته ”هاڻي آئون تنهنجي واهر ڪندس. اها ڀري آئون پنهنجي مٿي تي رکان ٿو ۽ تون آرام سان پنڌ ڪر“.

ڀري مٿي تي رکندي ئي دل تان نفاق جا پڙدا کڄي ويس ۽ حق جو علم حاصل ٿيس.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. نوجوان کي ڪهڙي شيءِ نظر آئي، جنهن ڏانهن هو بي اختيار ٿي وڃڻ لڳو؟

ج: نوجوان کي هڪ چمڪدار شيءِ نظر آئي، جنهن ڏانهن هو بي اختيار ٿي وڃڻ لڳو.

2. جڏهن نوجوان جبل جي چوٽيءَ تي پهتو ته نوراني شخص کيس ڇا چيو؟

ج: جڏهن نوجوان جبل جي چوٽيءَ تي پهتو ته نوراني شخص کيس چيو: ”اي نادان تون هن خيال سان آيو آهين ته هتي ڪا پاڪ جاءِ ياخانقاهه آهي، جتي زندگيءَ جي پروڙ پوي ٿي، ۽ حقيقت جو حال معلوم ٿئي ٿو، اهڙيون پاڪ جايون هيٺ ڇڏي آيو آهين“

3. هن سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج: هن سبق مان اسان کي هيءَ نصيحت ملي ٿي ته اسان الله تعاليٰ جي مخلوق جي خدمت ڪريون ۽ جيڪي ڏک، ڏاڪڙا ۽ ڪشالا پيش اچن انهن تي صبر ڪريون ته جيئن الله تعاليٰ راضي ٿئي.

## ج لفظن جي معنيٰ لکي، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نصيحت | هدايت |
| جملو | اسان کي وڏن جي ڏسيل نصيحت تي عمل ڪرڻ گهرجي. |
| نوراني | روشن |
| جملو | ٿوري دير کان پوءِ هڪ نوراني شخص اوتاري مان نڪري آيو. |
| همت | طاقت |
| جملو | نوجوان جي پيشانيءَ ۾ همت ۽ صبر جا نشان ظاهر آهن. |
| لات | ٻولي |
| جملو | رستي ۾ پکين جي مٺي لات ٻڌائين. |
| عجيب | حيرت جهڙو |
| جملو | قدرت جو نظام عجيب آهي |

## د صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. جبل جيتوڻيڪ ويجهو نظر پئي آيو پر رستو تمام سولو هو. **غ**
2. هي الله تي مڪمل ايمان رکڻ وارو نوجوان چمڪدار شيءِ ڏانهن نهاريندو روانو ٿيو. **ص**
3. چوڏاري گول ۽ لسن پٿرن جا ڍگ پيا هئا. **ص**
4. ويچارو خوش ٿي چوڏاري نهارڻ لڳو. **غ**
5. بزرگ جا اهي نصيحت ڀريا لفظ ٻڌي جوان پويان پير ڪيا. **ص**

سبق 20



# سگهڙ عورت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جيان | جهڙي | | |
| رياست | حڪومت | | |
| فڪرمند | اونو ڪندڙ | سگهڙعورت | سلجهيل عورت |
| پاڳ | قسمت | راحت | سڪون |
| مشغول | مصروف | حيرت | عجب |
| آئي | ايندڙ | ويل | وقت |
| بيحد | تمام / وڌيڪ | پنهنجو مٽ پاڻ | پاڻ مرادي |
| نهايت | تمام | سنجيده | ترڙو نہ هجڻ |
| همدرد | هڏ ڏوکي | رحمدل | رحم ڪندڙ نرم دل |

### سبق جو خلاصو

سگهڙ عورت پنهنجي گهر کي صاف ستري رکڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ڪندي رهندي آهي. سندس گهر وجهو تہ روح کي راحت پئي ايندي. گهر جو سمورو سامان ٹانيڪو هوندو ۽ هر شيءِ پنهنجيءَ جاءِ تي نظر ايندي ۽ گهر جا ٿانوَ پيا چمڪندا، سندس گهر هميشہ جاءِ تي اجو اجرو هوندو ۽ گهر جا سڀ ڀاتي خوش گذاريندا آهن.

سگهڙزال پنهنجي گهر جي صفائي، رڌپچاءُ، سبڻ پرڻ ۽ ٻئي ڪم ۾ هميشہ مشغول رهندي آهي. اها پرت ۽ ٽوپي کان سواءِ ٻيا گهرو هنر، جهڙوڪ: اڳٺ ناهڻ، سوئيٽر اُڻڻ ۽ رليون ناهڻ بہ چڱيءَ طرح ڄاڻيندي

آهي. انهيءَ پورهئي مان ڪيس جيڪا اُپت ٿئي ٿي، سا هوءَ گهر جي خرچ پکي کان سواءِ آئيءَ ويل لاءِ پڻ بچائي رکندي آهي. سگهڙزال جو هڏ، کم ڪار ۽ پورهئي تي هريل هوندو آهي. سندس تيار ڪيل ڪاڌو لذيذ ۽ سوادي هوندو آهي. جيئن ته هوءَ سڄو ڏينهن پنهنجي گهرو ڪم ڪار ۾ رڌل رهندي آهي، ان ڪري ڪيس پرائي پچار ڪرڻ جو نه ڪو موقعو ملندو آهي ۽ نه وري هوءَ اهڙين ڳالهين کي پسند ڪندي آهي، اُلٽو هن کي اهڙين ڳالهين کان سخت نفرت هوندي آهي.طبيعت جي لحاظ کان ڏاڍي همدرد ۽ رحمدل هوندي آهي. هوءَ اوڙي پاڙي کي اوکيءَ ويل ۾ پنهنجي هڙان توڙي وڙان مدد ڪري ساڻن ڏک سک ۾ شريڪ رهندي آهي.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. سگهڙ عورت جو گهر ڪيئن نظر ايندو آهي؟

ج: سگهڙ عورت جو گهر صاف سٿرو نظر ايندو آهي.

2. سگهڙ عورت پنهنجي ملڪ لاءِ ڪهڙي طرح فائديمند آهي؟

ج: سگهڙ عورت پنهنجي هنر سان ملڪ جي معيشت ۾ اضافو ڪري ملڪ لاءِ فائديمند ثي سگهي ٿي

3. سگهڙ عورت طبيعت جي لحاظ کان ڪيئن هوندي آهي؟

ج: سگهڙ عورت طبيعت جي لحاظ کان نهايت سنجيده، همدرد ۽ رحمدل ٿيندي آهي.

4. سگهڙ عورت ڪهڙا هٿ جا هنر ڄاڻيندي آهي؟

ج: سگهڙ عورت ٽوپي ناهڻ، سوئيٽر ناهڻ، اگٺ ناهڻ ۽ رِليون ناهڻ وغيره ڄاڻيندي آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. سگهڙ زال طبيعت جي لحاظ کان ڏاڍي ___سنجيده___ ۽ ___همدرد___ هوندي آهي.
2. سگهڙ زال جي گهر ۾ ڪنهن شيءِ جي ___کوٽ___ ڪا نه ٿئي.
3. هن جي هٿ جو تيار ڪيل کاڌو ڏاڍو ___لذيذ___ هوندو آهي.
4. سگهڙ عورت پنهنجي گهر کي ___صاف ستري___ رکڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ڪندي آهي.
5. هاٿي ته ___پرت___ پرڻ جون مشينون نڪري پيون آهن.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. ملڪ جيان ___گهر___ به هڪ ننڍي رياست هوندو آهي.

(i) اسڪول (ii) گهر ✓ (iii) مدرسو

2. گهر جا ___ٿانوَ___ صاف هئڻ ڪري چمڪندا آهن.

(i) ٿانوَ ✓ (ii) ڪمرا (iii) بسترا

3. سگهڙ زال ___رڌپچاءَ___ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هوندي آهي.

(i) گهر سجائڻ (ii) رڌپچاءَ ✓ (iii) گهر جي سنڀال

4. اها حقيقت آهي، ته جيڪڏهن هر گهر ۾ اهڙيون سگهڙ عورتون هجن ته اسان جي گهرن سان گڏوگڏ ___ملڪ___ به سکيو ستابو ٿيندو.

(i) شهر (ii) ڳوٺ (iii) ملڪ ✓

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اونو هئڻ | خيال هجڻ |

جملو: سگهڙ عورت هميشہ ”آئيندي جو اونو هئڻ“ ضروري سمجهندي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هٿ ونڊائڻ | مدد ڪرائڻ |

جملو: ڀين جو هٿ ونڊائڻ بہ ثواب جو ڪم آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پرائي پچار ڪرڻ | ٻين جي گِلا ڪرڻ |

جملو: اسان کي پرائي پچار ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

## ر لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مصروف | رُڌل |

جملو: سگهڙ عورت پنهنجي گهر جي ڪم ۾ هر وقت مصروف رهندي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| رحمدل | رحم وارو |

جملو: سگهڙ عورت طبيعت جي لحاظ کان رحمدل هوندي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سگهڙ زال | سيبتي عورت |

جملو: سگهڙ زال پاڙي وارن جي ڏکيءَ مهل مدد ڪندي آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| هنرمند | هنر وارو |

جملو: هنر مند ماڻهو هميشہ سکيو رهندو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لذيذ | مزيدار |

جملو: سگهڙ عورت جي هٿ جو تيار ڪيل ڪاڌو بہ لذيذ هوندو آهي.

سبق 21

# هنر دولت آهي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عاليشان | بهترين | روزمره | روزاني |
| مشڪل | ڏکيو، مصيبت | ڪيس | ان ڪي |
| شاهوڪار | امير | ڪاهه | حملو |
| نقد | روڪ | وڪرو | فروخت |
| عيوض | بدلي | قدر | اهميت |
| سنواري | سينگاري | اضافو | واڌارو |

## سبق جو خلاصو

اها عام چوڻي آهي ته هنر دولت آهي. آهي به سچ پچ ائين. چاڪاڻ ته هن ڌرتيءَ تي آسمان سان چوٽيون گسائيندڙ جايون، ڪارخانن جون ڪشاديون عمارتون، سواريءَ لاءِ گاڏيون، جهاز، ڪارون ۽ روزمره استعمال ۾ ايندڙ شيون، جن کان سواءِ هوند زندگي گذارڻ مشڪل ٿيو پوي، سي سڀ هنر ۽ ڪاريگريءَ جو ڪرشمو آهن. گهر ۾، آفيس ۾، اسڪول ۾، توڙي بنيءَ ٻاري تي جيڪا به وڏي يا ننڍي شيءِ ڪم ايندڙ

آهي، سا ڪنهن نہ ڪنهن ڪاريگر يا هنرمند جي ڻاهيل آهي. اها هنرمند جي ئي حرفت سان وجود ۾ آيل آهي. انهيءَ ڪري هنرمند کي وڏي عزت ملي ٿي.

هنر وارو ماڻهو ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن نٿو ڏسي. سندس هنر هر ڏکئي وقت ۾ هن جو ساٿي ٿئي ٿو. هو نہ فقط پاڻ سکيو ٿو رهي، پر وقت سر ٻين جي مدد بہ ڪري ٿو. هنر هڪ اهڙي دولت آهي، جيڪا نہ کٽي ٿي ۽ نہ وري چورائي ٿي سگهجي.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪنهن ملڪ ۾ ٻہ ڀائر رهندا هئا. هڪ واپاري هو، ٻيو هنرمند واڍو هو. واپاري شاهوڪار هو ۽ واڍو غريب هو. هڪ دفعي سندن ملڪ تي پرواري ملڪ جي حاڪم ڪاهہ ڪئي، جنهن ۾ هي ٻئي ڀائر قيدي ٿي ويا. واپاريءَ جو سڄو پئسو بہ ڦرجي ويو. حاڪم اعلان ڪيو تہ جيڪو بہ قيدي ٻہ سؤ روپيا نقد ڏيندو، ان کي آزاد ڪيو ويندو. ٻنهي ڀائرن وٽ پئسا ڪونہ هئا. واڍي حاڪم کان اجازت وٺي ڪاٺ جون شيون ناهي، وڪرو ڪري ٻہ سؤ روپيا گڏ ڪري، حاڪم کي ڏيئي چيو تہ سندس ڀاءُ کي آزاد ڪيو وڃي. حاڪم جي پڇڻ تي واڍي کيس ٻڌايو تہ جيئن تہ سندس ڀاءُ کو هنر ڪونہ ٿو ڄاڻي ۽ هن وٽ پئسا بہ ڪونهن، تنهنڪري کيس آزاد ڪيو وڃي، مان وري ٻيهر محنت ڪري ٻہ سؤ روپيا ڪمائيندس ۽ آزادي ماڻيندس. حاڪم کي هنرمند ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڏاڍي پسند آئي ۽ هن ٻنهي ڀائرن کي آزاد ڪري ڇڏيو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 ڪهڙي ماڻهوءَ کي هر هنڌ عزت ملي ٿي؟

ج هنر مند ماڻهوءَ کي هرهنڌ عزت ملي ٿي.

2 هنرمند ڀاءُ ڀهريان واپاريءَ ڀاءُ کي قيد مان آزاد ڇو ڪرايو؟

ج هنر مند ڀاءُ ڀهريان واپاريءَ ڀاءُ کي قيد مان ان ڪري آزاد ڪرايو ڇو تہ واپاري ڀاءُ کو بہ هنر نہ پيو ڄاڻي.

3. هنر وارا ماڻهو ملڪ کي ڪهڙو فائدو ڏين ٿا؟

هنر وارا ماڻهو ملڪ لاءِ ”هنر سِکي ملڪ کي فائدو ڏين ٿا.“

4. ”هنر دولت آهي“ اها چوڻي توهان جي نظر ۾ صحيح آهي يا غلط آهي؟

ج. ”هنر دولت آهي“ اها چوڻي اَسان جي نظر ۾ بلڪل صحيح آهي. چو جو جيڪڏهن انسان وٽ صرف پئسو هجي ۽ هنر نه هجي ته پئسو ختم ٿي سگهي ٿو ۽ انسان پريشان ٿي سگهي ٿو پر هنر ڪڏهن به ختم ٿيڻ يا چوري ٿيڻ جهڙي شيءِ نه آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. اها هڪ عام چوڻي آهي ته ____هُنر____ دولت آهي.
2. هنرمند ماڻهو ____دنيا____ جي ڪهڙي حصي ۾ به وڃي اهو بکيو نه مرندو آهي.
3. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ڪنهن ملڪ ۾ به ____ڀائر____ رهندا هئا.
4. اوچتو هڪ دفعي ان ملڪ تي ٻئي ملڪ جو ____حاڪم____ ڪاهه ڪري آيو.
5. سائين! منهنجو ____واپاري____ ڀاءُ ڪو به هنر ڪو نه ٿو ڄاڻي.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. اها هڪ عام چوڻي آهي ته هنر عزت آهي. غ
2. هنر مند ماڻهوءَ کي هر هنڌ عزت ملي ٿي. ص
3. جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ پيسو آهي ته اهو پيسي جي حفاظت نه ڪندو آهي. غ
4. هڪ دفعي ان ملڪ تي ٻئي ملڪ جو حاڪم ڪاهه ڪري آيو. ص
5. حاڪم کي هنر مند جو جواب تمام گهڻو ناپسند آيو. غ

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| حاڪم | محڪوم | غريب | اَمير |
| مشڪل | آسان | متاثر | هيڻو |
| ڏور | ويجهو | امڪان | پڪ سان |

## ر اوهان پنهنجي لفظن ۾ مختصر بيان ڪريو "هنر دولت آهي".

جواب: اها هڪ حقيقت آهي ته هنر دولت آهي. اسان جي معاشري ۾ جيڏانهن نظر ڦيرائيندؤ، اوڏانهن تمام وڏي انگ ۾ بيروزگاري نظر ايندي. اهو انهيءَ ڪري آهي، جو اسان جا نوجوان ظاهري پڙهيل لکيل ته آهن، پر اهي ڪوبه هنر نه ٿا ڄاڻين. جيڪڏهن اهي ڪوئي هنر ڄاڻيندا هجن ها ته پوءِ اهي ڪنهن نه ڪنهن ڌنڌي ۾ مصروف هجن ها، ۽ اسان جو معاشرو به ٻين معاشرن وانگر ترقي ڪري ها، پر اسان وٽ ان جي ابتڙ آهي. سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي ته هنر وارو ڪڏهن به بک نه مرندو آهي. جيئن اسان ٻن پائرن جي ڪهاڻي پڙهي سون. جيڪڏهن ٻنهي پائرن مان ڪوبه هنرمند نه هجي ته اهي قيد مان آزاد نه ٿي سگهن ها. اسان جي به سرڪار توڙي والدين کي گهرجي ته اهي ٻارن کي تعليم پرائڻ سان گڏوگڏ ڪنهن هنر سيکارڻ جو به بندوبست ڪن. ائين ڪرڻ سان جتي انسان کي پنهنجو ذاتي فائدو آهي، اتي هن معاشري کي پڻ گهڻو فائدو ٿيندو، ڇو ته واندو ماڻهو شيطان جو گهر هوندو آهي.

# ٻٽايون سک جو کو سنسار

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|---|---|
| حقارت | نفرت | ڪينو | بغض | ساڙ | حسد |
| ڪدورت | ٻيائي | پيار | قرب | سک | آرام |
| سنسار | جهان | فخر | وڏائي | نسل | ڪٽنبي سلسلو |
| باعث | سبب | اجايا | بيڪار | سانگ | تماشو، رونشو |

## بيتن جي سمجهاڻي

امن محبت ڀائيچارو، درس ڏيون انسانيت وارو،
چاجو گورو چاجو ڪارو، سڀ سان پنهنجو پيار،
ٻٽايون سک جو کو سنسار.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ اسان کي گوري ۽ ڪاري جا سڀ فرق ختم ڪرڻ گهرجن ۽ پاڻ ۾ برابريءَ ۽ ڀائيچاري جو درس ڏيڻ گهرجي، ڇوجو اها ئي انسانيت آهي. هن دنيا کي پُرسڪون ٻٽايون.

سڀ سان پائن جهڙو هلجي، ڪنهن کي ڀاڙو ڪڏهن نہ چئجي،
من ۾ مير پلا چو رکجي، ڪين ڪجي تڪرار،
ٻٽايون سک جو کو سنسار.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ اسان کي سيني سان ڀائرن جهڙو هلڻ گهرجي، ڪنهن کي غلط نہ ڳالهائڻ گهرجي. ڪنهن بہ انسان جي لاءِ دل ۾ ڪائي برائي نہ رکڻ گهرجي ۽ ڪنهن سان بہ هرويرو جهيڙو يا تڪرار نہ ڪرڻ گهرجي. هن دنيا کي پُرسڪون ٻٽايون.

هندو، مسلم، سک، عيسائي، گڏجي ملڪ لئہ ڪيون ڪمائي،
رکجي هردم صاف سچائي، سهڻو هي وهنوار،
ٻڌايون سک جو ڪو سنسار.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ اسان جي ملڪ ۾ مسلمان، هندو، سک، عيسائي يا جيڪي بہ رهن ٿا، انهن سڀني کي پنهنجي ملڪ جي لاءِ سچائيءَ سان محنت ڪرڻ گهرجي، ڇوجو اهو ئي سنو ڪم آهي. هن دنيا کي پُرسڪون ٻڌايون.

رنگ نسل جي ڳالهہ ڪيون ڇو، ڪوڙا ڪنهن جا دم ڀريون ڇو،
غيرالله جي در تي جهڪون ڇو، هڪ آ خلقڻهار،
ٻڌايون سک جو ڪو سنسار.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ اسان کي رنگ ۽ نسل جي فرق کي ختم ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ اهي ڪوڙيون دعوائون آهن. اسان کي الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي آڏو نہ جهڪڻ گهرجي، ڇوجو فقط الله ئي اسان جو پيدا ڪندڙ آهي. هن دنيا کي پُرسڪون ٻڌايون.

محنت اسان جي ملڪ اسان جو، ڪيڙيون ڪائون ٿا پيا پنهنجو،
”غازي“ ڪين رهي ڪو بکيو، پالي ٿو پالڻهار،
ٻڌايون سک جو ڪو سنسار.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ هي ملڪ اسان جو آهي، اسا ن ئي هن جي ٻنين ۾ محنت ڪري فصل اپايون ٿا ۽ ڪائون ٿا. اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪوبہ بکيو نہ رهي، الله سائينءَ جي ڏنل نعمتن ۾ ٻين کي بہ ڀاڱي ڀائيوار ٻڌايون. هن دنيا کي پُرسڪون ٻڌايون.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان کي ڪهڙو سنسار ناهڻ گهرجي؟

اَسان کي سک جو سنسار ناهڻ گهرجي.

2. هن نظم ۾ ڪهڙيون قومون ٻڌايون ويون آهن؟

هن نظم ۾ هندو، مسلم، سِک ۽ عيسائي قومون ٻڌايون ويون آهن.

3. چوٿين بيت ۾ شاعر ڪهڙو پيغام ڏئي ٿو؟

چوٿين بيت ۾ شاعر پيغام ڏئي ٿو ته اَللہ ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن جي آڏو نه جهڪڻ گهرجي.

## ب هيٺيان خال پريو

1. امن، محبت ـــــ پائيچارو ـــــ
2. درس ڏيون ـــــ انسانيت ـــــ وارو
3. سڀ سان ـــــ پائن ـــــ جهڙو هلجي
4. ڪنهن کي ـــــ ٻاڙو ـــــ ڪڏهن نه چئجي

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڪوڙ | سچ | پيار | نفرت |
| امير | غريب | سچائي | ڪوڙ |
| ڪارو | اَڇو | غير | پنهنجو |

## د لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| محنت | جاکوڙ |
| جملو | اَسان کي پنهنجي وطن جي ترقيءَ لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي. |
| ٻاڙو | بُرو |
| جملو | ڪنهن کي ٻہ ٻاڙو نہ چوڻ گهرجي. |
| وهنوار | ڏيتي ليتي |
| جملو | وهنوار ۾ هميشہ صاف سچائي رکڻ کپي. |
| غيرالله | اَلله کان سواءِ |
| جملو | غير الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي در تي نہ جُهڪڻ کپي. |
| سنسار | جڳ،جهان |
| جملو | اَچو تہ سڀ سنسار کي سکيو ستابو بڻايون. |
| پالڻهار | اَلله تعاليٰ |
| جملو | اَسان سڀني کي پالڻهار پيدا ڪيو آهي. |

سبق 23

# ايمان، اتحاد ۽ تنظيم

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| فساد | جهيڙو | تباهي | بربادي |
| ترقي | واڌارو | اتحاد | ٻڌي |
| حياتي | زندگي | تازگي | فرحت |
| شاهد | گواهه | نابود | ختم |
| آسان | سولا | شناس | سڃاڻندڙ |
| نازڪ | حساس | شڪست | هار |
| صداقت | سچائي | عرصو | وقت |

**سبق جو خلاصو**

ڪنهن به قوم ۾ جيڪڏهن اتحاد، محبت ۽ پيار هوندو ته اها قوم ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري ويندي، پر جيڪڏهن انهيءَ قوم ۾ نفاق يا ڦيٽاڙو پئجي ويو ته ملڪ ۾ جهيڙا فساد پيا ٿيندا ۽ ائين ملڪ تباهه ٿي ويندو. انهيءَ جو مطلب ته، قومن جي ترقيءَ جو دارومدار اتحاد تي آهي. دنيا ۾ اهي ئي قومون زنده رهيون، جن ۾ اتحاد هو، پر جنهن به قوم ۾ نفاق هو، سا يا ته ٻي ڪنهن قوم جي غلام ٿي ويئي يا وري دنيا مان ان جو نالو گم ٿي ويو. ملڪ جي ترقيءَ ۾ اتحاد سان گڏ رٿابندي، لڳاتار محنت ۽ ارادي جي مضبوطي به ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن فوج ۾ تنظيم نه آهي، يعني اها منظم نه آهي ته اها جنگ جي ميدان ۾ ڪٿڻ بدران هارائي ويندي.

قائداعظم محمد علي جناح قومن جي عروج ۽ زوال جي سببن کان چڱيءَ طرح واقف هو، ان ڪري هن پاڪستاني قوم کي زنده رهڻ ۽